# مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟

Gul Hayat Institute

جي ايم سيد

# مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟

Gul Hayat Institute

جي ايم سيد

قيمت : ڏيڍ رپيا

Gul Hayat Institute

Printed by Din Muhammad Mistri Chhatan Lakho at the Alwahid Electric Printing Press, Bellasis Street, Karachi.
and
Published by G.M. Sayed, 26, Hyder Manzil, Muslim Colony, Karachi.

صوبجاتي تنگ خياليءَ سان تصور ڪرڻ، سمجهه جي ڪوتاهي ٿيندي. جيڪڏهين عوام جي بهتريءَ جو خيال رکئو آهي، ته پنهنجي سياست جو بنياد حب الوطنيءَ جي زرين اصول تي رکئو پوندو.

اسان انهيءَ نئين سياسي دؤر مان گذري رهيا آهيون، جو حقيقي طرح عام ماڻهن جو دؤر آهي. هاڻ اسان کي ننڍن سوالن تي نقط چيني ڪرڻ يا حل ڪرڻ ۾ وقت وڃائڻ نه گهرجي؛ وقت اچي ويو آهي، جو ڪو نئون ۽ نتيجه خيز طريقو اختيار ڪريون. زماني جي تقاضا آهي ته اسان زندگيءَ جي سمورن مسئلن کي اهڙيءَ نئين نظر سان ڏسون جيئن موجوده غير منصفانه جماعتي نظام کي ازسرنو بدلائي، انساني مساوات ۽ اقتصادي انصاف جي بنيادن تي بيهاري سگهجي.

هن وقت تائين، اسانجي سياسي رهبري اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ پئي رهي آهي، جن جي سياست جو مقصد رڳو وزارت، طاقت، پيسو ۽ شخصي اغراض حاصل ڪرڻ پئي رهيو آهي: هو عوام سان وڏا وعدا ڪن ٿا، ليڪن پنهنجن واعدن کي ڪڏهين به پورو ڪري نٿا سگهن، جنهن ڪري هميشه سندن چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ تفاوت پئي رهيو آهي. سنڌ ۾ ڪابه منظم عام راءِ ڪين انهن حرڪتن کان باز آڻڻ لاءِ موجود نه آهي— ۽ نه وري ان کي پيدا ڪرڻ جي ڪا منظم ڪوشش ٿي ٿي آهي. صحيح ۽ سالم راءِ رکڻ وارن قومي خادمن جو ايترو اڃان قحط ڪونه پيو آهي، جو چئجي ته بس صفا سڄ ٿي ويئي آهي.

"اڃا نسي آهين جي سزاوار سنگين جا!" (شاهه)

سنڌ جي غريب ۽ نوجوان طبقي ۾ گهڻائي سمجهدار ۽ مخلص ڪارڪن پيا آهن، جي عوام جي ترقيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ هرڪا قرباني ڪرڻ واسطي تيار آهن. اهڙن سڀني ڪارڪنن کي گڏي منظم ڪرڻو آهي، جن مان سنڌ جي سياسي جمود کي ختم ڪرڻ، اعليٰ مقصدن خاطر پاڻ پتوڙڻ، سياسي ۽ اقتصادي انقلاب آڻڻ

جنهن وجود ملڪ ۽ قوم لاءِ نقصان ڪار آهي.

٢- ڳڏيل هندوستان ۾ ڪن خاص حالتن جي ماتحت، مسلم ليگ جهڙيءَ جماعت جي ڪٿي ضرورت تسليم ڪجي ها، ليڪن پاڪستان برپا ٿيڻ بعد، انجي ضرورت ۽ فائدو ختم ٿي چڪو آهي: هينئر ان جو وجود سرد موسم جي ڪپڙن کي گرميءَ جي موسم ۾ پائڻ جي برابر ٿيندو.

٣- پاڪستان بنجڻ کان اڳ، صوبن ۾ مسلم ليگ وزارتن جا سياه ڪارناما، ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ مرڪز خواه صوبن ۾ ليگ وزارتن جون ڪوتاهيون ۽ نااهليون، ۽ آخر ۾ هزارها ورهين جي جدا هستين وارن ملڪن کي، پنهنجي لالچ خاطر، مرڪزي حڪام کي خوش ڪرڻ لاءِ، ختم ڪرڻ تي راضي ٿي وڃڻ — هي ڳالهيون ثبوت ٿيون ڏين ته موجوده برسر اقتدار جماعت، مسلم ليگ، ملڪ جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ بريءَ طرح ناڪام ثابت ٿي آهي.

٤- هن وقت، مسلم ليگ هڪ مخصوص گروه آهي، جو مغربي سامراجين جي منظور نظرن جو هڪ ٽولو آهي، ۽ آنهن جي ئي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ هڪ اوزار طور ڪتب اچي رهي آهي. انهيءَ مخصوص گروه جو سمورو اقتدار ۽ سموري طاقت، جمهوري اصولن جي برخلاف، خالص ڊڪٽيٽري نموني تي هلائي وڃي ٿي.

٥- مٿي ذڪر ڪيل سڀني سببن کي نظر ۾ رکي پاڪستان ۾ عوام جي فائدي، حڪومتن جي درستيءَ، اسلام کي شخصي ۽ طبقاتي مفاد خاطر ڪتب اچڻ کان بچائڻ، مسلم ليگ اندر وڌندڙ فسطائي رجحان کي روڪڻ، عوام ۾ سياسي بيداري آڻي مضبوط ۽ سجاڳ عام راءِ پيدا ڪرڻ، مسلمانان عالم کي غلط ۽ وهمي نظرين جي بنياد تي ڳڏ ٿي هلاڪت جي منهن ۾ اچڻ کان روڪڻ، سنڌ جي تهذيبي، معاشرتي، اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، ملڪي سياست کي عهدن ۽ شخصي فائدن جي تنگ دائري مان ڪڍي حب الوطني ۽ مفاد عوام جي بلند درجي

تي آڻڻ، ۽ پاڪستان اندر صحيح جمهوري سرشتہ حڪومت جي قائم ڪرڻ خاطر، هڪ صالح ۽ صحت مند مخالف جماعت جو هئڻ ضروري آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ رجعت پسند حڪمران گروه طرفان اسانجي سخت مخالفت ڪئي ويندي، ۽ اسانکي گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. ليڪن لکها مصيبت زده عوام جي محبت، سنڌين جي غيرت ۽ حميت جي تقاضا، سياست کي ملڪ ۽ انجي عوام جي ڀلائي ۽ اخلاقي بلند خياليءَ جي درجي تي آڻڻ جي ضرورت، اسانجون رهبر راه آهن. مستقبل ۾ وڏا مقابلا درپيش آهن. اسان شڪستن پٺيان شڪستون کائڻ ۽ ناڪام ٿيڻ کان ڪونہ ڊڄنداسون ۽ نہ مايوس ٿي وهنداسون. اسانکي يقين آهي تہ آخرين ڪاميابي اسانجي آهي. خلق جي آواز ۾ خدا جي از غيبي مدد لکل آهي. اسانجو عوام هيڪر بيدار ٿي ويو، تہ پوءِ هن کي ڪابہ طاقت پنهنجي منزل تي پهچڻ کان روڪي نہ سگهندي.
حق جي آخر فتح ٿيڻي آهي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

پيا سپ مسلم ملڪ، حالتن ڪان مجبور ٿي، ٻوليءَ ۽ جاگرافيءَ جي لحاظ تي، قوم جو نظريو اڄ قبول ڪري چڪا آهن. قوم ۽ قوميت جو هي نظريو اسلامي تعليم جي برخلاف نہ آهي. جيتوڻيڪ اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي ۽ ساري انسان ذات ان مان فائدو وٺي سگهي ٿي، پر قومن جي وجود ڪان اسلام ڪنهن بہ صورت ۾ انڪار نٿو ڪري. قوم، مفاد عام واسطي، ساڳئي ملڪ، زبان ۽ تهذيب جي هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي، انسانن جي هم آهنگي ۽ ۽ اجتماع جو فطري نتيجو آهي. اسلام انسانن جي وچ ۾ قومي بنيادن تي صرف دشمنيءَ ۽ مخالفت جي منع ڪري ٿو.

اسلام دين فطرت آهي: هو فطرت جي هڪ اهڙي حقيقي ڪرشمي ڪان انڪار ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي، جنهن مطابق بني نوع انسان ۾ مختلف جنسن، مختلف شڪلين، مختلف رنگن ۽ مختلف قد و قامت جا انسان، انفرادي طرح ۽ اجتماعي طرح، مختلف زبانن مختلف تهذيب ۽ تمدن، مختلف ملڪن ۽ مختلف تاريخي پس منظر جي بنيادن تي ٺهيل قومون، پنهنجي پنهنجي امتيازي هستي ۽ مستقل وجود الڳ الڳ بحال رکي، ڪائنات کي خوبصورت بنائين.

---:o:---

نئي منزل مقصود تي پهچائيندا!"

اسان کي هاڻ ڏسڻ گهرجي ته قوم جو منزل مقصود ڪهڙو آهي؛ ڇا عام ماڻهو ۽ ليگ جي ليڊرن جو مقصد ساڳيو آهي، يا ٻنهي جا مقصد جدا جدا آهن؟ ليگي ليڊرن کان جيڪڏهين اهو سوال پڇبو ته هو چوندا ته "مقصد، پاڪستان جي مضبوطي ۽ قومي ترقي آهي"، جنهن ڳالهه ۾ ته واقعي ڪنهن کي اعتراض ڪونه ٿيندو؛ ليڪن ان مسئلي جي تشريح لاءِ وڌيڪ سوال پڇبن ته "ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو وسيلو ۽ ذريعو ڪهڙو آهي" ته انجو نهه پهه جواب ڏيندا ته "بس ليگ کي مضبوط ڪريو ۽ اسانجي پوئلڳي ڪيو ته قومي مقصد اجهو ڪي اجهو حاصل ٿي ويو"! هو بار بار اهو منتر اچاريندا رهن ٿا ته جهڙيءَ طرح پاڪستان ليگ جي ذريعي حاصل ٿيو اهڙيءَ طرح اهو ڪم به سندن ئي معرفت حاصل ٿي سگهندو. ليڪن اها حقيقت آهي ته پاڪستان ليگ ليڊرن جي قربانيءَ يا تڪليف سهڻ ڪري حاصل نه ٿيو: نه هو جيلن ۾ ويا، نه ڪا گولي جهليائون ۽ نه ڪا تڪليف برداشت ڪيائون.

اهو به صحيح نه آهي ته پاڪستان انگريزن ڏنو، ڇو ته انگريز مسلمانن جا خيرخواه هجن ها ته فلسطين کي يهودين جي حوالي نه ڪن ها، مصر ۽ سوڊان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ سئيز ۾ فوج وهارڻ کان باز اچي وڃن ها. ازانسواءِ جهوناڳڙه، حيدرآباد، ڪشمير جي معاملي ۾ سندن روش ان باري ۾ سندن نيتن جو ثبوت آهي. لهاذا پاڪستان، جو حاصل ٿيو ته مسلم عوام جي دليريءَ ۽ سچائيءَ ڪري، نه ليگ ليڊرن جي بهادريءَ ۽ قربانيءَ ڪري. اوهان جيڪڏهين ان مسئلي جي گهرائيءَ تي غور ڪري ڏسندا ته اوهين محسوس ڪندا ته پاڪستان جي مضبوطي ۽ ترقي، ليگ اندر مسلمانن جي اتحاد ذريعي حاصل نه ٿي سگهندي، ليڪن ليگ اندر گڏ ٿيل انگريزن جي منظور نظر شاهوڪار ۽ جاگيردار فرقي، جنهن جي پاليسي قوم کي مسڪينيءَ ۽ جهالت،

جيڪڏهين اوهان غور ڪري ڏسندا، ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته ليگي ليڊرن جو، مسلمانن جي اتحاد قائم ڪرڻ جو نعرو لڳائڻ فقط عوام جو توجهه سندن حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ هڪ قسم جو دلبو آهي؛ اسلام ۽ پاڪستان جي خطري جو بوتو هڪ قسم جو ڊونگ آهي. ڇاڪاڻ ته هنن اسلام ۽ پاڪستان جي محافظن جو پنهنجو اڳ، وهڻ ۽ ڪائڻ پيڻ بلڪ ساري زندگي خود اسلامي روايات ۽ سادگيءَ جي عين مخالف آهي ۽ پاڪستان سان دشمنيءَ جي برابر آهي. ظاهر آهي ته پاڪستان جي مضبوطي ۹۰ سيڪڙو ماڻهن جي حالت سڌارڻ سان ئي سگهندي ۽ نه انهنکي موجوده بکئي، ڏکئي ۽ اگهاڙيءَ پر حالت رکڻ سان!

Gul Hayat Institute

تحريرن موجب، پاڪستان ”آزاد ۽ خود مختيار رياستن جو مجموعو“ ٿيڻ وارو هو- ليڪن حصول پاڪستان بعد انجي حڪمرانن جي قول ۽ فعل مان ائين پيو معلوم ٿئي ته موجوده برسر اقتدار گروه آهستي آهستي سمورا اختيارات پنهنجي هٿ ۾ آڻي، انکي پنهنجي جاگير وانگر ڪتب آڻي رهيو آهي- اها حقيقت هيٺين علامتن مان معلوم ڪري سگهجي ٿي:

ڪي پنجاب جا سياستدان، ۽ هندوستان کان آيل مسلمانن جو هڪ سياسي گروه، اسلام جي نالي جي آڙ ۾، ڪوشش ڪري رهيو آهي ته پاڪستان جي جدا جدا صوبن کي، باوجود سندن مختلف سرحدن، زبانن، قومي مفاد، تهذيبن، روايات ۽ تاريخ جي، زوريءَ ۽ مصنوعي طريقن سان، هڪ يڪي قوم ۽ يڪو ملڪ بنايو وڃي- انکري جيڪڏهين ڪو ماڻهو سنڌ يا ٻئي صوبي جي تهذيب، زبان، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ ذهني آزاديءَ ۽ ترقيءَ جو نالو وٺي ٿو، ته انکي اهو گروه اسلام ۽ پاڪستان جي دشمن جي نالي سان مشهور ٿو ڪري! اهڙيءَ طرح اهو ساڳيو گروه مرڪز ۾ پين صوبن سان برابريءَ جي درجي، مرڪزي حڪومت ۾ وزارت، نوڪرين وغيره ۾ حق گهرڻ جي سوال اٿارڻ کي صوبجاتي تعصب قرار ڏيئي، انکي مفاد عام جي خلاف ظاهر ڪري ٿو، ۽ هر هڪ صوبي جي جداگانه قومي هستيءَ ۽ خصوصيت مٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو، خود هر هڪ صوبي جي جدا قومي هستيءَ جي وجود کان يڪسر انڪار ڪري ٿو، ۽ انهيءَ جي برخلاف هڪ نئين موهوم قوميت جي وجود قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي- مسلم ليگ جو نظريو ته ”پاڪستان جا مسلمان هڪ قوم آهن“— مٿي ذڪر ڪيل رٿن جو بنيادي نقطو آهي- صوبجاتي اسيمبلين ۾ مرڪز طرفان ميمبرن جو نامزد ٿيڻ، صوبن جي وزارتن جو مرڪزي حڪمرانن جي اشاري پٺيان ڊهڻ ۽ ٺهڻ، اردو، پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي زبان نه هئڻ جي باوجود به، هر صوبي مٿان زوريءَ مڙهڻ، ڪراچيءَ کي زوريءَ ڇني سنڌ کان ڌار ڪرڻ، الهندي

ونڊهيجن، وطني ڀائرن، ۽ ۽ پڪا اڏي ويٺلن، اوهان ساڻ جنم گذارڻ وارن کي نہ وسارجو، ۽ پنهنجي محلاتن، عمدن طعامن، خوبصورت ڪپڙن وغيره تي پلجي، سون تي سيڻ نہ مڃائجو، لوئي نہ لاهجو، ڪر نہ لڄائجو، ملير نہ وسارجو، ڪوٽن ۾ خوش ٿي مزا نہ ماڻجو— سدائين ڪوٽن جي ڪرڻ، زنجيرن جي ٽٽڻ ۽ بندن جي ڇڄڻ جي تمنا رکندا اچجو! آخر ڪڏهين نہ ڪڏهين، مولا مهر جا مينهن وسائيندو ۽ ڏولائي جا ڏينهڙا گذري ويندا، سائيہ وسندو ۽ سڪار ٿيندو!

Gul Hayat Institute

تبديلي نہ آندي ويئي، تہ ملڪ ۽ قوم لاءِ تباهہ ڪن نتيجن نڪرڻ جو امڪان آهي.

مٿي ذڪر ڪيل مضمون ۾، مون حتي الامڪان اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مسلم ليگ، هر نگاهہ کان، ملڪ ۽ قوم لاءِ فائديمند ٿي ڪين سگهندي، ۽ انهيءَ جو بنياد جن مکيہ اصولن تي رکيل آهي سي موجوده دنيا جي حالتن مطابق بيڪار ۽ فرسوده ٿي چڪا آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان هاڻ هن جماعت کي زياده وقت زنده رکڻ مان نہ رڳو ڪو بہ فائدو حاصل نہ ٿيندو، بلڪ ملڪ ۽ انجي رهاڪن کي انمان سخت نقصان رسڻ جو قوي امڪان آهي.

Gul Hayat Institute

— -:0:—

ليڪن ليگ ليڊرن مسلمانن کي منظم ڪرڻ جا طريقا انساني محبت جي بجاءِ نفرت جي بنياد تي رکيا. هر اختلاف رکندڙ جي برخلاف، خواه هندو هجي يا مسلمان، نفرت ڦهلائڻ ۽ اشتعال ڏيارڻ سندن روزمره جو ڌنڌو ٿي پيو.

ان جو لازمي نتيجو مخالفن ۾ رد عمل طور نفرت ۽ اشتعال جي پيدا ٿيڻ ۽ خود جماعت اندر آزاد راءِ جي ڪلي خاتمي جي صورت ۾ نڪتو. اسلام جيڪو تبليغ جو مذهب آهي، اهڙين حالتن هيٺ ڪيئن واڌارو ڪري سگهندو، سو اسانجي سمجهه کان ٻاهر آهي.

اها پاليسي عارضي طور ڪتب آڻين ها ته به ان کي برداشت ڪٿي ڪجي ها، جيتوڻيڪ اسلام جي اصولن مطابق اعليٰ مقصدن کي پهچڻ لاءِ ذريعا به نيڪ هئڻ ضروري آهن. پر ڏسڻ ۾ پيو اچي ته ليگ ليڊر اڃان به ان ساڳيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيا آهن. هو بنا تميز بري ۽ ڀلي جي، هر طريقي کي، جنهن مان ڪين عارضي ڪاميابيءَ جو امڪان نظر ٿو اچي استعمال ڪرڻ کان نٿا گسن.

دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جن گروهن جي پاليسي نفرت تي رکيل هئي، اهي نه صرف پاڻ تباهه ٿيا ليڪن انهن پاڻ سان گڏ پنهنجي قومن کي به وڏو نقصان پهچايو آهي.

Gul Hayat Institute

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هنن جي اهڙيءَ نفرت واري پاليسيءَ پيدا ڪرڻ ڪري ڏهه لک مسلمانن جي قتل ٿيڻ، پنجاهه هزار بي گناهه مسلمان عورتن جي ڪجي وڃڻ، ڇهن ڪروڙ مسلمانن جي دربدر خاڪ بسر ٿيڻ بعد به اڃان هنن ڪوتاهه بين ليگي ليڊرن جي دل نه ٺري آهي؛ شايد مسلمانان عالم ۽ پاڪستان ڏانهن سندن ڪو حساب رهيل آهي، جو وري به ساڳيءَ نفرت جي بنياد تي ڪين منظم ڪري وري ڪنهن بيءَ مصيبت جي منهن ۾ ڏيڻ جو ارادو رکن ٿا. هن وقت اسلام جي سهڻي نالي ۾ رجعت پسند، چالاڪ ۽ خود مطلب "سياستدان" ليگ تي قبضو ڪري ويا

ڏکن، غربت ۽ جهالت جي مرضن جي علاج جي اميد رکڻ "پپرن کان پير گهرڻ" جي برابر آهي.

مسلم ليگي ماحول کي سڌارڻ ۽ درست ڪرڻ جا دروازائي بند ٿي ويا آهن، اها بيڪار ۽ فرسوده عمارت درستي ۽ مرمت کان مٿي چڙهي ويئي آهي: انجو واحد علاج اهو آهي ته انکي ڊاهي، انجي جڳهه تي موسم ۽ ضرورت موافق هڪ نئين بهتر عوامي جماعت جي تعمير ڪجي.

Gul Hayat Institute

——:o:——

ته به درياني واهن جي ايراضيءَ کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪوبه خاطر خواه انتظام ڪنهن پروگرام مطابق نه ڪيو ويو. مشنري رستي آباديءَ ڪرائڻ لاءِ ماڻهن کي حرص ڏيارڻ واسطي تجويزون گهڙيون ڳاهيون ٿيون وڃن پر نه ڪا عمدي وَرڪشاپ تيار ڪئي وئي ۽ نه انهن تجويزن کي سرانجام ڪرڻ لاءِ ايماندار ۽ قابل عملي پيدا ڪرڻ جو ڪو انتظام ڪيو ويو آهي. هر هڪ کاتي پر آفيسرن مٿان آفيسر رکي، پگهارون وڌائي، بنگلن، فرنيچرن وغيره تي خرچ ڪري پيسو ڪٽايو پيو وڃي. ڇاڻهه ٻارنهن ۽ وڏيون ڊنرون ڏيڻ ۽ وٺڻ اڄ ڪالهه جو دستور ٿي ويو آهي. ماڻهن کان روز بروز نون چندن جي نالن پر لکها روپيا جمع ڪري انهن کي ڪٽايو وڃي ٿو. "ٻاڻ نه ٻاري ڪتا ڪتاڏاري" جو مثال ليگي وزيرن تي بالڪل پورو لهڪي اچي ٿو.

اهو سڀ انهيءَ جماعت جي ڪارڪنن طرفان ڪيو وڃي ٿو، جي پاڻ کي مسلمانن جي حقن جا رکپال ۽ پاڪستان جا پاسبان سڏائين ٿا. سنڌ جي مشهور شاعر سچل فقير عليه رحمت اهڙن حالتن لاءِ بجا طور فرمايو آهي ته

ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان ڪڇان تان ڪافر
اهڙيءَ واٽ ور ڪو سمجهي سچيڏنو چوي !

Gul Hayat Institute

آهي ۽ شاهوڪارن ۽ وڏن ماڻهن جو ان ۾ ذرو به ڏوهه نه آهي، تنهنڪري غريبن کي رضا تي راضي رهي آخرت لاءِ ترسڻ گهرجي، جتي کين سڀ ڪجهه ملندو، بشرطيڪ هو چڱا ڪم ڪن، جن مان مکيه هي آهن ته شاهوڪار طبقي طرفان مقرر ڪيل روزانه مزوريءَ يا ٻڌاين تي ايمانداريءَ سان پورهيو ڪندا رهن، پوءِ بک ۽ رزق جي تنگي هجي ته به توڪل رکي وهن، جو ته کين خبر هئڻ گهرجي ته پيغمبرن به پيٽ سان پٿر ٻڌي وقت پئي گذاريو! جي بک جي تنگيءَ کان انهن ذرا به امانت ۾ خيانت ڪئي ته هنن جي هيءَ دنيا ته اڳيئي خراب آهي، ليڪن آخرت به خراب ٿيندي. انهيءَ اصول مطابق دنيا دارن جي ملڪيت ۽ پيسو وٽن الله طرفان قوم جي امانت ٿيو پوي، ۽ انهن ڏانهن ڪنهن به قسم جي شڪ، حسد يا حسرت جي نگاهه ڪڻ گويا امانت ۾ خيانت جي مثال ٿيندي.

اهڙيءَ طرح سندن پروفيسر، فلاسفر، قانون ساز ميمبر هميشه انهي معاملي ۾ غلطان آهن ته ڪيئن سوسائٽيءَ جو موجوده نظام، جو ننڍي ۽ وڏائي، غربت ۽ شاهوڪاريءَ، هيٺي ۽ ڏاڍي جي تفاوتن تي ٻڌل آهي، بدستور قائم رهي. اختلاف راءِ، مخالفت، عوام ۾ بيداري، اقتصادي بنيادن تي جماعت بندي، ننڍي وڏي جي تفاوتن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، شاهوڪاريءَ ۽ غربت کي ختم ڪري سڀني جي معقول گذر معاش لاءِ جدوجهد ڪرڻ، بک ۽ بيڪاريءَ کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ، آزاد راءِ جي اظهار جي طلب ڪرڻ ته جيئن ملڪ جا سمورا باشندا پنهنجا شهري حق برابر ماڻي سگهن، اهي سموريون ڳالهيون ۽ تحريڪون حڪمران طبقي جي نظر ۾ امن عام لاءِ خطري جو باعث آهن. تنهنڪري پنهنجي سوسائٽيءَ جي فائدي ۽ ملڪ ۾ امن قائم رکڻ خاطر هنن جو فرض ٿيو پوي ته اهڙين حالتن کي پنهنجي حڪومت جي ڏنڊي، پنهنجي اخبارن جي پروپئگنڊا، ۽ پنهنجي علم وارن مبلغن ۽ تقرير بازن ذريعي روڪين. مخالفن جي تحريڪن لاءِ دهريت، بغاوت، بدامني پيدا ڪرڻ وغيره جهڙا عوام ۾ نفرت پيدا ڪندڙ نالا ۽ الزام تجويز ڪرڻ سندن رواجي ڪم ٿي پيو آهي. مٿان عوام

Gul Hayat Institute

ڪو رجعت پسند گروه اختيار ڪري ٿو ۽ مسلم ليگي ليڊر به انهنجي نقش قدم تي هلن ٿا.

جيڪڏهن ليگي ليڊر اڃان تائين به ليگ جي تعريف ڪري رهيا آهن ته اها ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ ڪا ڏکي نه آهي، ڇاڪاڻ ته هو هن وقت جنهن پوزيشن ۾ آهن، سو ليگ ۽ انجي پاليسين جي طفيل آهي: ان حالت ۾ هو ڪيئن پنهنجي رزق تي لت ڏيئي پنهنجي طاقت ۽ اقتدار کي نقصان پهچائڻ پسند ڪندا!

———:o:———

Gul Hayat Institute

جهنڊو بلند ڪرڻ گهرجي.

**(۸) ملڪي سياست کي چند خود مطلب ماڻهن جي هٿن مان ڪڍي عوام جي هٿن ۾ آڻڻ جي ڪري، اها تقاضا آهي ته مسلم ليگ جي مخالفت ڪئي وڃي.**

پاڪستان ۾ هر بالغ مرد ۽ عورت کي ووٽ جو حق مليو آهي. انجو مطلب اهو هئڻ گهرجي ته ملڪ جو هر سمجهدار باشندو حڪومت جي ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺي ۽ انهيءَ جي پاليسيءَ ۽ نمائندن ۾ ڪثرت راءِ سان ڦيرگهير ڪري سگهي. ليڪن مسلم ليگ ليڊر جنهن طريقي سان سياست جو ڪاروبار هلائڻ گهرن ٿا. سو انهيءَ اصول جي خلاف آهي. صوبن جي مسلم ليگين جا صدر صوبن جا به وزيراعظم يا وزير آهن. اهي پنهنجي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ پنهنجي طرفدارن کان مسلم ليگ جا مصنوعي ميمبر داخل ڪرائي- جن جي ميمبرشپ في هو پنهنجي کيسي مان ڀرين ٿا- مسلم ليگ جون شاخون قائم ڪرائي صوبن جون ڪائونسلون ۽ پارليامينٽري بورڊ پنهنجي مرضيءَ موجب چونڊائين ٿا. پوءِ انهن پارليامينٽري بورڊن ۾ ليگ جون ٽڪيٽون به انهن ماڻهن کي ملن ٿيون جي سندن هٿ ٺوڪيا چاڙتا هوندا آهن. انهي طرح سان ساري ليگ جو نظام ڪن چند ماڻهن جي هڪ خاص محدود ٽولي جي قبضي ۾ وڃي رهيو آهي، جن جا مقصد ۽ مرادون هر حالت ۾ عوام جي مقصدن ۽ مرادن کان الڳ آهن. تنهنڪري مسلم ليگ جي مخالفت جي سببن مان اهو به هڪ مکيه سبب آهي ته ملڪي سياست کي هن هڪڙي مخصوص گروه جي چنبي مان ڇڏائي اصلي حقدارن يعني عوام جي هٿ ۾ ڏنو وڃي، جي انکي گهٽي ۾ گهٽي شخص جي گهٽي ۾ گهٽي فائدي لاءِ ڪتب آڻين.

**(۹) سياست مان خوشامدڙين ۽ خود غرض شخصن جي پاڙ پٽڻ لاءِ مسلم ليگ جي مخالفت لازمي آهي.**

عام طرح ڏٺو ويو آهي ته بااصول، حق گو ۽ بيخوف قومي

(١٥) چونڊ جي سرشتي کي زور زبردستيءَ ۽ ناجائز اثر ۽ حڪومت جي دست اندازيءَ کان آزاد رکي، عوام کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ووٽ ڏيڻ جي آزادي ڏيڻ گهرجي.

اسا کهڙي نه افسوس جي ڳالهه آهي جو برسراقتدار جماعت مسلم ليگ جا ليڊر پاڻ کي دائمي طرح طاقت ۾ رکڻ لاءِ حڪومت جي عملدارن ذريعي چونڊن وقت ناجائز طريقا اختيار ڪن ٿا. سنڌ ۾ جنوري ۽ ڊسمبر ١٩٤٦ع يا ان کانپوءِ ”باءِ اليڪشن“ جي وقت، مسلم ليگ وارن جي طريقا اختيار ڪيا، سي ڪنهن کان مخفي نه آهن. انهن مان ان ڳالهه جو ڪليل ثبوت ملي ٿو ته حڪمران گروه ملڪ تي ڪهڙن طريقن سان پنهنجو حاصل ڪيل اقتدار قائم رکڻ گهري ٿو. اسان ملڪ ۽ قوم جي فائدي خاطر اهو نهايت ضروري ٿا سمجهون ته عوام کي ووٽ ڏيڻ جي آزادي ڏني وڃي، جاڪاڻ ته امن ۽ صلح سان حڪومت کي درست ڪرڻ يا بدلائڻ لاءِ اهو ئي بهترين ذريعو آهي.

انهن حقيقتن کي مدنظر رکي، آخر ۾ آءٌ سنڌ جي سڀني مخلص خادمن کي اپيل ڪندس ته هو ملڪ ۽ انجي عوام کي آزاد ۽ خوشحال بنائڻ واسطي، مسلم ليگ جي آئيني مخالفت ۾ اسان سان شريڪ ٿين ۽ ان نيڪ مقصد حاصل ڪرڻ ۽ ان کي مضبوط بنائڻ لاءِ هر ممڪن وسيلي سان اسانجي مدد ڪن.

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute